# ڪي اُمِي چاٽوُ تہ ڪي پڙهيلَ اَٺَ چاٺَ

## جانوءَ جي ساڃاهہ



جيئين ڪنهن اڳين بِلاڪ ۾ ڳالهہ پي ڪيمِ مان اٽڪل سَتن ورهين جو هومِ جو اسان ڪراچيءَ مان لڏي آياسين شڪارپورَ. شڪارپور پچندي ڪو پوئتي پيل شهر لڳُم. رستا پيگلَ، کُليل ڪِن جون نالِيون، پاٽي هٿ جي پمپب سان باڙديءَ (بالٽيءَ) ۾ پري سنانُ خاني تائين ڍوهي وڃڻو ، فرج بدران گهگين مان پاٽي پيڻ، اونهاري جي گرميءَ ۾ ڪمري بدران انگڻ ۾ يا ڇِتِ تي سُمهڻ وغيره... لڳو چڻ ڪنهن بِيءَ صديءَ ۾ ماٺهو پيگو آهي.

اِهي ڳالهيون پنهنجي جاءِ.. پرَ وري اِهو بہ پڌرو هيو تہ شڪارپوري هوا ڏاڍي صفا هئي جو ڪراچيءَ واري آلايشَ ڪانہ هيسِ. ڪراچيءَ ۾ اسان جي بنگلي جي هڪ پاسي ڪوٺيون هيون جن جي سامهون رِڪشائُن جي مرمت جا ڪارخانا کليل ميدان ۾ پَڳُتي (پيادن جي پنڌ جي دڳ ) تي هيا. ڪراچي شهر جو ڪير ڏٺي ڏوري تہ ڪونہ هيو جو پڇين تہ ڪن قائدن قانُونن جو لهاز ڪيو، پيادا ڪاڏهون لنگهہُ ڪندا! انهن ڪارخانن ۾ رڪشائن جي اِنجڻ ڪي ڪنهن گاسليٽ ۽ پِٽرول جي گاڏڙُ ساڏڙُ ڳارِيندڙَ سان صاف ڪندا هيا تنهن ڪري ڏينهن جو هوا ۾ آلايشَ گهٽي وڏي

ويندي هئي. انهيءَ ٻارِيندر جو ڪمدارن تي ڪهڙو اثر تنهن لاءِ ڪا ڪَرتارِي سلامتي اختياري تہ ڪانہ هئي.

شڪارپور ۾ اسانجي بنگلي سان گڏ ڪو اڌُ ايڪڙَ کن باغ پڻ هيو. باغ ۾ هڪ ڪليل کوُهُ هيو جنهن تي ڏانڊُ وهندو هو. بنگلو شهر کان ٻاهر هو ـ ريل َڦاٽڪ اڌ ميل کن تي هوندي. ڦاٽڪ ۽ چيلا سِنگهہ ۽ سيتلداسِ شڪارپور ڪاليج وچ واٽ تي هيو.

شڪارپورَ ۾ سنڌي طوطن سان پڻ ملڻ ٿيو؛ هڪ طوطو اُتي پاليو هوم، ڏاڍو سُهڻو لڳندو هوم، ڳالهائڻ جو پڻ هوشيار هيو. ڪيترائي ڪِلاڪ ساڻس ڪچهري ڪئي هوندمِ. ميوا کائڻ جو شونقين هو، ياد ٿمِ تہ تکيون سائيون مرچوُن جو پڻ شوقين هيو. پنجري ۾ بند ڏسي ڏک ٿيڻ لڳمُ. نيٺ ڳالهہ نہ وڻيمِ سو ڪِنِ مهنن کان پوءِ طوطي کي هڪَ مَندر جي باغ ۾ آزاد ڪيم جو اتي ٻيا گهڻا ئي طوطا رهندا هيا ۽ سوچيم تہ اُتي ڪنهن ٻي جي چار ۾ ڦاسڻ کان بچيل هوندو جو مندرُ اَجهو رهندو. (مٿي فوٽوُن سنڌي طوطي جو وڪي پيڊيا مان کنيل آهي). طوطن جي عمر وڏي هوندي آهي، ڪن وِشيشن جي عُمرِ گهڻ کُرو ڇهن ڏهاڪڙن کان مٿي ٿي ـ مانکي پڙوڙَ ڪانهي تہ سنڌي طوطي جي عمر گهڻ کُرو ڪيتري ٿئي، پرَ ڪيترا ئي وار شڪارپور جي باغن جي ويرانيءَ جو سوچندي اِهو ارمان پڻ ٿيندو اٿمِ تہ انهيءَ ويچري طوطي جو گزران ڪيئئين پيو ٿي.

اسان واري گهرَ ۾ ماٺهن رهي ڪيئي ورهيہ ٿيا هوندا. بابا بنگلي جي ٿوري گهٽي اُسَرڳِي ڪرائي هئي پرَ ٻر ۾ وڏن نانگن اچي گهر ڪيو هو. گهران نانگ ڪڍيا هئائون پر پوءِ بہ ڏسڻ ايندا رهيا ڇو تہ باغ ۾ ٻرَ ڪيا هئائون ۽ اگڻ ۾ پڻ ڪِهري ايندا

هئا. سنڌ پاسي گهڻا نانگَ خطرناڪ ٿيندا آهن . هتي آمريڪا ۾ نانگن جا قسم گهڻا وِڪڙ (زهري) ناهن. ياد ٿمِ ته بابا هڪَ ڀيري ٻارن جي سلامتي جي ڀَوَ مان لاچاري رِوالورَ سان نانگ ماريو. پرَ نانگ مارڻ غلط سمجهبو هو ۽ ٻيو ته الائي ڪيترا ٻيا نانگ هجن جيڪي چيو ويو ته ويرُ وٺڻ چاهن. هونئن اِهو ٻه سچ آهي ته نانگ قدرتيِ هَموزنيِ لاءِ اهم آهن. ڪي تي ڏهاڪڙا ٿيا هوندا جو هِندَ ۾ ڪن هيڇي هَچارن نانگَ سندن کَلن مان پيتيون ۽ بوٽ ٺاهي نيڪاسُ ڪرڻ لڳا. ٿورن ورهين ۾ جهنگي ڪوئن جو ڳاٽيٽو ايڏو وڌي ويو جو ڪوئن فصلَ ۽ گدامن مان انَ کائي ڏُکار ڪرائي ڇڏيو. نيٺ سرڪار نانگن ڪُهڻ تي پابنديِ وڌي.



سو بابا هڪَ جوڳيءَ کي نانگَ ڪڍڻ لاءِ گهرايو. جوڳين جو اصولُ هوندو آهي ته جڏهن هوُ نانگ ڪڍن ته نانگ تي ڪيرُ هٿ نه ڪٽي سو پهرين اِهو ڏَٺُ پَٺُ ورتائين. پوءِ ٻيون ڳالهيون، جيئين اَدائيِ چُڪائڻ. جوڳيءَ باغ ۾ گهٽي وقت لاءِ الغوزو وڄايو. نيٺ ڪي وڏا نانگ ٻِرن مان نڪتا ۽ ڪَرَڪنيائون (ڪَرَ ڪٽڻ چوندا آهن نانگ جي ڦَڻَ ڪڍي ايرڻ کي؛ ڦڻُ معنا نانگ جي مستيِ واري حالت ۾ پکيڙيلُ منهن) . اِنهن نانگن جو وِشيشِ ڪونه ياد اٿمِ. ايترو ياد ٿمِ ته وڏا وِڪُرَ هُيا. جوڳيءَ الغوزي جون مرليون جهومي ۽ نانگَ ٻه مست ، سو

نچندا رڙندا ٻر ٻر ڪندا وَيَس ڪِڏَ. ياد ٿمِ ته بابا مانڪي اِجازت ڏني ته مان به نانگن پويان وڃان پر حڪم ڪيائون ته نانگن کان فاصلو رکجائين. ڪي ڪوهه پري جهنگ ۾ جوڳيءَ نانگ ڇڏي آيو. (نانگ جي ”سرڪندي هلت “ لاءِ خاص لفظ ياد ٿتو اچيمُ جي ڪير ٻڌائيندو ته ٿورائتو ٿيندم) .

مُرلِيءَ تي تنهن مَردَ جي، ڪنيا ڪاريهرن ڪَرَ ؛

ٻِرَ ڇڏي ٻاهر ٿيا، نِيلا نِڪري نَرَ ؛

زهري منجهه زهَر ، جو ڳِيڙي جهَٽِي وتا

(سچل)

(جَهَٽَڻُ معنا ٻي جو خيال يا نظريو قبول ڪرڻ.. هونئن لغت جهٽڻ جي ٻي معنا به ٻڌائي ٿيِ ـ هَوا مان ايندڙ (اڏامندڙ) شيءَ کي جهلڻ جهڙوڪِ راند ۾ بال).

قِصو ڪوتاه هاڻ ڳالهه پڏري ٿيمِ ته هيءَ ڪراچي ڇڏي مان ڪنهن ٻي ڏيهه ۾ اچي پڳو هومِ.

جنهن دنيا ۾ آيو هومِ تنهن جا رنگ ۽ ڍنگ ڪي ٻيا هُئا!

با غ سمپاليندڙ مالهي جانوُ نالي هڪُ هاري هيو. جانوُ جا وارَ ڊگها، پڳ ۾ ويڙهيلَ. هيٺان لُنگي مٿان چولي. پِرهَ ڦُٽي جاڳندو (ٻاهر سمهندي اُسَ سين کي جاڳائي پرَ منهنجي اُٿڻ کان پهرين هِيءُ مُرٿس جاڳيل هوندو هو. سوير ڏاند کي کوُهه مان ڪاڏ ڪڍائڻ لاءِ ٻڌِي هڪلندو هو. جينئين ڏاندُ ڦيرا هڻندو هلي ۽ چيڪلي جا ڏندا ۽

ڦرٽين (سرڪٽين) جي يَنتَرُ (جوڙ توڙ) ڪري نوڙيءَ تي ٻڌل متڪڙيون پاٽي متي ڍوئي آٽن. ( ڪوُهَنِ جي ينتري جُزئن جا ۽ ڪاشتگاري ڪمن جا نالا ئي هاٽي وِسري وياتمِ .. جي ڪير ياد ڏياري ته ٿورائتو ٿيندمِ). جانوُ ڪوڏرَ ڪٽي آلي متي سان بنڌيج وجهندي پاٽي جي نالين ۾ وهڪري کي هيڏهان هوڏانهن ورائيندو ويندو هو. جيئين پاٽي وهيءَ ٻين ٻين پودن کي پُڄي. تتان پاڻ لنگههُ ڪري ۽ اُتان پودن ۾ ڪَسَرَ (ڪکَ ڪندا) پاڙُنِ مان پٽندو ڪيندو هلي.

قدرت جو ڪمالُ. ڏاند کي ايڏي طاقتَ جو پاٽي جون متڪيون پيوُن پرجن ۽ ڦِرن ۽ ڪوُهَ مان متي اچن. توڙي تنهن ۾ انسان جي اٽڪل جو ٻ ٿورو گهڻو ليکُ ڪجي … ڦرٽي جو اصولُ نہ رکو ته ٻَلَ جو رخ ڦيرائي ـ ڏاند زمين تي چڪر ڏي ۽ پاٽي جي ڊورَ جو چڪر هيٺان متي پر ٻِڌندي چيڪلي سان ڪمُ ڪرڻ. مانکي ڦرٽي ۽ (ٻِڌندي) چيڪلي جي ڏندن جو نقشو پوري طرح ياد ناهي؛ پرَ چيڪلي جي ڏندن جو ڪم ڏاند جي گهٽ ٻلَ ۽ وڏيڪ فاصلي کي وڏيڪ ٻل ۽ گهٽ فاصلي ۾ ورائڻ.

سمجهو ته $B$۽ $A$ ٻہ چيڪلا هجن ـ پوءِ هڪَ جي رفتار وڏي ۽ ڏندن جو انگ گهٽ ته ٻي جي ڏندن جو انگ وڏيڪ ته رفتار گهٽ ٿيندي ، جو گهٽ ڏندن وارو چيڪلو ڦيري پوري ڪندو ته وڏيڪ ڏندن واري چيڪلي اجا ڦيري پوري نہ ڪئي هوندي.

**$B$جي ڏندن جو انگُ : Aجي ڏندن جو انگُ = $A$جي رفتار : $B$ جي رفتار**

**جتي ”:“نسبت جي نشاني آهي. معنا ته**



$B$جي ڏندن جو انگُ * $B$جي رفتار = $A$جي ڏندن جو انگُ * $A$جي رفتار

جتي * ضرب جي نشاني آهي

مٿين مُساوات ڪري پنهي جڪڙيل چيڪلن جي ڦيري ٻَل (ٻل ۽ اَرو جي ضرب ساڳيو. سو جنهن چيڪلي جو اَرو (اڌُ قطرُ) وڏو تنهن کي ٻل گهٽ هٽڻ سان ننڍي اَرو واري چيڪلي تي ٻل جو ضرب ٿيندو (۽ اِهو ننڍو چيڪلو بنسبت فاصلو گهٽ هلندو). انهيءَ ٻل جي وڌاري جي اصول کي چيڪلن جو ڪلوني سرسي چوندا آهن ۽ ساڳيو قديم ڪَل وديا جو اصول اجا تائين هر مِشِنَ (موٽرَ گاڏي ، فيڪٽرِي ، هوائي جهاز وغيره) ڻاهڻَ ۾ ڪتبُ آندو پيو وڃي. هيٺين ويبَ ڪڙيِن تي ٽرڪ هٽندا

**http://www.dynamicscience.com.au/tester/solutions/hydraulicus/gears1mechanicalad.htm**

http://en.wikipedia.org/wiki/Gear

ننڍي هوندي مانکي ڪل وديا جي ڪا ڄاڻ ڪانہ هئي پرَ ڪيترا ئي وار کوهَ تان پاڻي چڙهندو، ڏاند جي طاقت ۽ انهيءَ ينتريءَ بابت سوچيو هوندم. گهڻا ورهيہ پوءِ جڏهن ڏهين درجي ۾ مادي وديا پڙهيمِ تہ چيڪلي جي ڪِردار جي پروڙ پيمِ. جي ڪير ماپوُن وٺي حساب هٽي ٻڌائي تہ ڏاند جي طاقتَ ڪيتري آهي، گهڻو پاڻي مٿي تو آڻي ۽ انهي لاءِ گهڻو ٻلُ تو لڳائي تہ ڀلو.

هتي آمريڪا جي ننڍي وڏي شهرَ ۾ ٻارن لاءِ گهڻا ئي وگياني ”عجائب گهرَ“ آهن جتي ٻار وگياني اصولن جي سمجهاڻي لاءِ ڍانچا ڏسي سگهندا آهن ۽ ٻار سِڪولن ۽ مائٽن سان اهي ڏسڻ ويندا آهن.

http://www.msichicago.org/exhibit/exhome.html

جيئين ڏسندا (ميوُزيمَ) ۾ هڪ نمائش بابت ننڍي وِڊيو

http://www.msichicago.org/exhibit/genetics/v_genome.html

اسان جي ڳوٺاڻن ڀارن کي اهڙيون سهولتون تہ ناهن جو مُلڪَ اهڙن ڪاڌڪوُ تو ڳينِ جي حوالي آهي جيڪي ڀارن جي تعليم ۽ ڀلائي بدران سنڌوُ ڏيهہَ جا لڳ ڀڳ سمورا وسيلا فوجن تي خرچ ڪيو ڇڏين، جن فوجن جو ڪمُ جهيڙي جهڳي جي واڌ بنا ڪجھ آهي ئي ڪونہ. خيرُ، ڏٺي مهرَ ڪري، سو چوَڻ جو مقصد هومِ تہ ماسترن کي کپي تہ ڀارن کي ڪَلَ وِديا جي انهيءَ وگياني ورد لاءِ اهڙن روايتي کوهن ڏانهن وٺي وڃي سمجهائي ڏين ۽ حساب سيکارن تہ چڱو ٿيندو. ۽ جي ماسترن ۾ قابليت ناهي يا ايڏا پيڏا پيرا ٿياهن تہ يونيورسٽيءَ جي وديارٿين کي خوش خدمت سپاهي بڻجي پاڻمرادو اهڙا وِرد موڪلُن دوران ڏيڻ گهرجن جيئين ڀارن جي سوُنجھ سونجھ کي همٿائجي ۽ سندن وگيان سان چاهُ وڌائجي.



سو ڳالهہ پي ڪيمِ جانوُ جي. ڪِلاڪَ ٻن ۾ ڏاند بيهي ساهي پٽي تہ واري واري سان جانوُ پريان هڪلَ ڪريس. ڪجهہ وقت کان پوءِ هڪَل جو اثر لڳڻ پورو. پوءِ جانوُ ٿورو ترسيِ، ڏاند کي واري سان واڪي سان گاريون ڏيِ، وري ڏاند ويچارو ڪمہ کي لڳي تہ شاباسي واڪي سان ڏيسِ. نيٺ آخرڪار ڏاند بہ ٿڪو بيٺو هجيسِ ۽ هڪل توڙي ماءُ پيڻ جي گار جو ڪو اثر نہ ٿيسِ. تڏهن ڏاند چوڙي جانوُ ڪائڻ لاءِ ڪي چٺا ۽ (سُڪل گاهَ جو) دَنِ ڏيسِ. (متيون فوٽوُن دنيا ۾ مشهور سنڌي ڳئُوُن ۽ ڏاند جي قسم جو آهي هتان ڪنيل) .

پوءِ جانوُ پاڻ ٿلهي ماني پچاءِ ۽ تنهن سان ڏڏَ پيئي. ڪائيِ پيِ ٿادلَ ٿاهڻَ لاءِ ڪوُنديءَ ۾ ينڳُ گهوٽڻ شروع ڪري. ۽ تيسي تاٽيِ ڏِينهنُ بہ تپڻ شروع ٿيندو هو. تهانپوءِ رهيل ڏينهن، شام تائين ڪجهہ ڪمي ڪمي چلت هجيس. شام جو پيو ويلو ماني جو ڪائي جنهن چانورن دال ياجي، يا ڪا جوئر جي ماني يا اهڙي شئي هجيس.

جانوُءَ جو رنگ نہ رڳو نِرالو پي لڳيُمِ پر ڪُڍَنگو. اُمي ماٺهون، وار ايڏا، الائي جي ڪڏهن تَڙُ ڪري، ڳوٺ کان پري ڪڏهن ويل ڪونہ هجي، ڳالهہ ڪرينس تہ آهستي سمجهي. قسو ڪوتاه تہ ڪيس اَجهڪو سمجهيم.

شڪارپور پُڳي ٿورا ڏينهن ٿيا هوندا. هڪَ ڏينهن ڪو ڪِرڙو اڳيان اچي بيهي رهيو. منهنجو اُتان لنگهڻ کان ڪيپائن. جانوُءَ کي چيمِ مارينسِ! جانوُ ٻڌو اٿڊو ڪري چڏيو. وري ڪاوڙَ منجهان زور سان ڳالهہ ورجائيمانسِ. سمجهيم تہ هيءُ سست هاري اُونئين آهستي آهي سو منهنجو حُڪُمُ منجڻ کان پرو ٿو پيو چڙهيسِ. سو مان بہ زد تي. نيٺ ڏنمُ تہ شِڪلِ ڪَتڪادُ هيسِ، هٿ ڪنيائين ۽ ڪرڙي کي جهلي پرتي

اينئين رکيائين جو ڪِرڙو ويو پچندو پري. اجا جانُو جون اکيون هيٺ هجن. اجا نظر هيٺ هيسِ ۽ ساڳي هنڌ ويٺل هيو. ورائي ’صاحبَ‘ کي چيائين جِيءَ دارن کي نہ چولجي. مانکي هُن جي ڳالهہ اهڙي دل کي لڳي جو ڦوڪيل وڏماٽپائي تنهن پَلَ اينئين ويئي جڻُ کنهن پري ڦوڪٽي کي ٽاچڙي هنئين هجي. وري اِنهيءَ اُميءَ کي کڏهن اَجهڪو ڪو نہ سمجهيم.

ڪيترا ئي وار ڏٺو اٿمِ تہ اسان جي ڳوٺاڻن جي ساڃاهہ شهرين کان گهڻي وڏيل آهي. ٻولي کي اُمي ڳوٺاڻو ڇُهتي ڪراڙو ڪيون بيٺو آهي. پڙهيل ڳڙهيل ماڻهون يا تہ بي خيالو ڏاريا لفظ پريندا هلن يا تہ انئين ڪرڻ سان سمجهن تہ پنهنجي وڏائي ٿا ڏيکارين (تن جي چا ڳالهہ ڪجي جي پنهنجي ٻولي ئي ڪتب نہ آڻين).



(متي فوٽوُن ڪنهن هاريءَ جو هالا واهہَ پاسي جو آهي جو ويبَ تان ڪِٽان لاٿم، ياد ٿئم).

هڪَ ڏينهن سيوڻ پاسي منهنجو لنگهہ ٿيو. شادي کان پوءِ زالَ کي سنڌ جي سير لاءِ وٺي ويو هومِ ۽ ٿي مهنا سنڌ جي ٻهراڙي ۽ پراڻن جو سير ڪيوسي. تنهن نئين ڪنوار سان سيوڻ پهتو هوسِ. انتظام شهرَ جي سرڪاري آرام گهرَ ڪرايو هومِ جو شهر ۾ ڪا سراءِ (هوٽلَ) ڪانہ هئي (ڪڏهن ڪٿي محماني ڪئي سي، ڪڏهن آرام گهرن ۾ رهيا سي). خيرُ ڪنهن ٻڌايو هو تہ اِهو آرام گهر ٽڪريءَ تي آهي ۽ ڏسُ وٺن لاءِ چيائين تہ ڪنهن کان بہ هن ريت پڇندا تہ ٻڌائيندُوُ. سو هڪَ هاريءَ کان پُڇيم تہ ابا هتي قلعو ڪهڙي پاسي آهي. هاريءَ مان ڏانهن مونجهاريل ڪنڌ ورايو ، ”سائين، اِتي ڪا اِهڙي شئي ڪانهي. متان بازارَ ۾ مليوَ.“ مان سوچيو هيءُ ماڻهو عجيب وائڙو، شهرَ ۾ هڪُ قلعو، سا پروُڙَ ڪانہ ٿسِ. نيٺ فِراس تي واتان نڪتم تہ ” چا پيو چئين، تہ اتي ڪو ڪوٽُ ڪونهي؟“ ورايائين تہ، ”سائين! پوءِ اينئين چئو! اسان سان وري انگريزي ۾ تہ نہ ڳالهايو!“ تڏهن ٻيٽَ پيمِ تہ وائڙو هوُ نہ مان هُيم.

يلو ميان! سوچيم، جڏهن سرڪار لطيف رڳو ڪوٽُ لفظ ڪتب آندو، تہ پوءِ اسان هاڻِ اُرُدوُ ( اڙدوُ معنا لشڪرُ!) پڙهيو ڪوٽ لفظ ڪتب آڻُ جو ڇڏيون؟ پنهنجي ٻوليءَ جي پنهنجي مِٺاڻ کي ماٺ نہ ڪجي. ٻوليءَ جي سوُنهن برباد ڪرڻ جي پڙهيلَ ڳڙهيلَ ڪڍِ لڳا آهن، سنڌي ۾ لاهي پاهي اڙدوُ ۽ انگريزي پريندي ڪو لڄَ نہ ٿي اچِنِ. تنهن ڏينهن کان منهنجي منو رِٽ رهي آهي تہ ٻوليءَ ۾ نج سنڌي لفظ ڪتب آڻُ جو اُدم ڪيان ـ اهڙا لفظ جن ۾ ٻ، ڄ، ڳ، ڏ، ڃ، ڱ ... هجن تن جي اُچارَ ۾



ئي مزو لڳيمِ؛ توڙي ڳالھ بيشڪ پرڏيھ ۾ ڏُکي ٿي ويئي جو ھتان جي ماحول ۾ رڳو انگريزي پئي ھلندي آھي ۽ سوچ پنھنجيءَ ٻوليءَ ۾ گھٽيو وڃي.

سَرڳواسيِ سائين اشوڪ چندواڻي ڪينيڊا ۾ وڏو اخبار نويس ھوندو ھيو. مرڻ کان ڪي سال اڳ مانٽريئال گزيٽ (ڪينيڊا جي ھڪ مُکي اخبار) ۾ ھڪ پِڇائيندڙ مقالو لکيائين جنھن ۾ ڳالھ ڪيائين تہ ھو ھاڻ رڳو ھڪَ خيالي گھوڙي سان سنڌي ۾ ڳالھيون ڪندو آھي جو ٻيو ڪو سنڌيءَ ۾ ڳالھائڻ وارو ئي ڪونھيسِ ـ ڪيڏي نہ اباڻي اُڪيرَ ٿي رھي! (پاسي ۾ سائين اشوڪ چندواڻي جي پوين ڏينھن جو يادگار فوٽُون).

http://yangtze.cs.uiuc.edu/~jamali/sindh/sindh-l/archive/her/msg00314.html

سائين ڀِٽَ ڌڻِي ڪا عربي فارسي نہ اپنائي.. سدائين سنڌيءَ ۾ بيت ٻوليائين، جن کي برابر آياتُن جو مانُ ۽ شانُ آھي. ھتان ذات ڏيئي ويا اُنھن لاءِ جيڪي اڄُ اڙدوءَ ۽ انگريزيءَ جھڙين اچوڪوين فارسين جو ڍول وڄايون ويٺا آھن ۽ سنڌي ڪتب آڻڻ ۾ رنڊڪون پيا وِجھن. چون ٿا تہ ھن دورَ ۾ انگريزي ڪتب آڻڻ سان اسان جي غلامي پوري ٿيندي، انگريزيءَ سان وگياني سمجھ وڌندي، وغيرا (اڙدوءَ جي تہ ڳالھ ئي ڇڏيو) ـ پرَ سنڌڙيءَ جو سرڪار ڀٽ ڌڻي ٿو چئي

جي فارسي سِکيو، گولو توءِ غُلامُ!

جو ٻڌو ٻِن ٻِوليِنِ، سو ڪيئنئن چائي چامُ؟

اُجيو تہ آب گھُري، بکيو تان تعامُ

اي عامن سندو عامُ، خاص منجھان نہ ٿيو

(شاه)

**(توءِ= تنهن هوندي بہ ؛ گولو = ٻانهو ؛ چاءِ = چَکي. )**

ٻين جي ٻوليئن ۾ اسان کي نہ پاڻ ٻَڌائڻ کپي. سنڌ جي رهواسينِ جو پهريون پويون لڳاپو سنڌي ٻوليءَ سان، هَرَ متن لاءِ سنڌ ۾ اِها ڪتب آڻجي تہ سنڌي ٻارن جي اجهڪائي وارو احساسُ اُجهي. شَلَ اسان جي پڙهيلن جي من مان غلاميءَ جا خيال لهن ۽ پنهنجي اباڻي ٻوليءَ کي مانُ ڏين. تهانپوءِ ڏيهہ جي آزادي بہ پري ناهِ!

هيٺ ترڪ هٽي ڏسندا من موهيندڙ مرليون جي ماڻهن کي نانگن وانگي نچائين.
سائين ماڪا جا لک ٿورا...

http://www.youtube.com/watch?v=z5nvapIC8fc